هفتيوار رسالو

امير اهلِ سنّت جي ڪتاب "گفتگو جا آداب" مان هڪ قسط بنام

# مذاق ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪيئن؟

زبان سنڀاليو، عمل به سنڀلجي ويندا:

سٺو ڳالهائڻ الله جي توفيق آهي

70 سالن جا عمل برباد

خود پسندي جا اٺ سبب ۽ علاج


شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

**ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:**

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: مذاق ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪيئن؟

ڇاپو پهريون: جُمادي الثاني 1447هہ، نومبر 2025ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي


**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

بـاني دعوت اسـلامي، حضـرت عـلام ۽ مولانـا محـمـد الياس عطـار قـادري

**امير اهل سُنت**

جي ڪتـاب ”گفتگو جـا آداب“ مـان هڪ قسط.

# مذاق ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪيئن؟

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# مذاق ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪيئن ؟ [1]

## دعاءِ عطار

ياربّ مصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”مذاق ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪيئن؟“پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن ڪي هميشہ هميشہ سچ ڳالهائڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ اُن ڪي ماءُ پيءُ سميت بي حساب جنت الفردوس ۾ داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ ڏينهن بغداد شريف جي وڏي عالم حضرت ابوبڪر بن مجاهد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وٽ تشريف کڻي آيا تہ انهن يڪدم اٿي ڪين سيني سان لڳايو ۽ پيشاني چمي ڪري نهايت تعظيم سان پاڻ وٽ ويهاريو، حاضرين عرض ڪيو: ياسيدي اوهان ۽ اهل بغداد ڪالهہ تائين هن کي ديوانو چوندا رهيا پر هاڻي انهن جي ايتري قدر تعظيم ڇو؟ جواب ڏنائون: مون ايئن ئي ٿوري ڪيو آهي؟ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اڄ رات مون خواب ۾ هيءُ ايمان افروز منظر ڏٺو تہ ابوبڪر شبلي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر هيا، سرڪار دوعالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُٿي ڪري ڪين سيني سان لڳايو ۽ پيشاني چمي ڪري پنهنجي پرسان ويهاري ڇڏيو، مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! شبلي تي ايتري قدر شفقت جي وجهہ؟ الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (غيب جي خبر ڏيندي) فرمايو تہ هي هر نماز کان بعد هي آيت پڙهندو آهي.

---

[1]--- هي مضمون امير اهل سُنت جي ڪتاب ”گفتگو جا آداب“ مان ڪنيو ويو آهي.

﴿لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ (۱۲۸)﴾

۽ ان کان بعد مون تي درود شريف پڙهندو آهي.[1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## زبان سنڀالڻ واري جا عمل به سنڀيلجي ويندا آهن

حضرت يونس بن عُبَيد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: ”جيڪو شخص زبان کي سنڀالي استعمال ڪندو آهي مان ان کي نيڪ عمل ڪندي ڏسندو آهيان.“

(الصمت مع موسوعة ابن ابى الدنياج 7، ص: 63، قول نمبر 60)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪو زبان کي سوچ ويچار کان بغير قينچي وانگر هلائيندو آهي ته ان جي زبان مان ڪوڙ، غيبت، (چغلي) الائي ڇا ڇا نڪرندو آهي، گهڻو ڳالهائڻ واري جو کلڻ مذاق مسخري کان بچڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي کلڻ ۽ مذاق مسخري ۾ ڪوڙ جي ملاوٽ به هوندي آهي. ياد رکو! مذاق ۾ به ڪوڙ جائز ناهي.

## مذاق ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ واري سان سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: تباهي آهي ان (شخص) جي لاءِ جيڪو گفتگو ڪري ٿو ۽ ماڻهن کي کلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائي ٿو، ان جي لاءِ هلاڪت آهي، ان جي لاءِ هلاڪت آهي. (ترمذي ج:4، ص:142، حديث: 2322)

## جهنم جي گِهرائي (اونهائي) ۾ ڪرندو آهي

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”انسان گفتگو ڪندو آهي ۽ رڳو ان لاءِ ڪندو آهي ته جيئن ماڻهن کي کلائي! ان ڪري جهنم جي ايتري ته گِهرائي ۾ وڃي ڪرندو آهي جيڪا آسمان ۽ زمين جي وچ واري فاصلي کان به گهٽي آهي ۽ زبان سان جيتري غلطي ٿيندي آهي اها ان کان به گهٽي آهي جيتري قدم کان غلطي ٿيندي آهي.“ (شعب الايمان: ج:4، ص:213، حديث: 4832)

1--- القول البديع ص 346

حضرت علّامہ عبدالرؤف مناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا تہ: امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو تہ کلائڻ واري ڳالھہ مان مراد اهڙي ڳالھہ آهي جنهن ۾ غيبت، ايذاءِ مسلم (يعني مسلمان کي تڪليف ڏيڻ) (يا ڪو گناھ) جو پھلو پاتو وڃي نہ تہ رڳو مذاق واري ڳالھہ تي وعيد ناهي.

(فيض القدير: ج: 2، ص:425، تحت الحديث: 1984)

## مسخرا متوجھ ٿين

”مرآت“ جلد 6 صفحي 463 تي آهي: هن فرمانِ عاليشان مان اڄڪلھ جا مسخرا(يعني ڪاميڊين) وغيره عبرت حاصل ڪن جيڪي ماڻھن کي کلائي گذر بسر ڪندا آهن، جن جي ڪمائي ماڻھن کي کلائڻ آهي. هن حديث جي حصي: ”زبان جي ڪري جيتري غلطي......“ جي حوالي سان آهي: پيرن جي ترڪڻ کان زبان جو ترڪڻ گھڻو خطرناڪ آهي ڇوتہ پيرن جي ترڪڻ سان صرف بدن زخمي ٿيندو آهي پر زبان جي ترڪڻ سان دل، جان، ايمان زخمي ٿي ويندو آهي. زبان جي ترڪڻ سان ئي قتل ۽ خون ٿيندا آهن، زبان جي ترڪڻ سان ئي انسان ڪافر ۽ بي دين ٿي ويندو آهي، ابليس (يعني شيطان) کي پنھنجي زبان جي ترڪڻ جي سزا اڄان تائين ملي رهي آهي.“

## ڪاميڊي شو جو مسئلو

ڪاميڊين جو مذاق مسخري ڪرڻ وارو شو (SHOW) اجتماعي طور ناجائز آهي ڇوتہ هن ۾ بين ماڻھن جو مذاق اڏائڻ يا ڏسڻ وارن کي مذاق اڏائڻ جي تعليم ۽ ڪيترن ئي ماڻھن جي دل آزاري پاتي ويندي آهي، ايئن ئي فحش(يعني بي حيائي تي مشتمل حرڪتن) جو استعمال بہ اشاري ڪِنائي ۾ ٿي رهيو هوندو آهي، فڪس (FIX) ماڻھن جي غيبت يا انهن جي مجبورين جو مذاق اڏائڻ بہ عام هوندو آهي، جيڪي موجود هوندا آهن ۽ جيڪي غير موجود هوندا آهن انهن جي شڪل ۽ صورت جو بہ مذاق اڏايو ويندو آهي ۽ غيبت سان گڏوگڏ بھتان جون صورتون بہ سامھون ايندڙيون رهنديون آهن. ڪيترن ئي جڳھن تي معاذاللّٰه ڪفر بہ نڪري ويندو آهي. مطلب تہ انهن تمام ڪمن کان خالي هجڻ گھڻو مشڪل آهي ان ڪري

اهڙي پروگرام تي ناجائز جو حڪم هوندو. اهڙو شو ڪرڻ، ڪرائڻ، ڏسڻ، ڏيکارڻ، ان جي اُجرت ونڻ ڏيڻ، هن جي ويڊيو آڊيو ٺاهڻ ۽ ٺاهرائڻ، ان ڪري وائرل ڪرڻ تہ ماڻهو ڏسن ۽ ٻڌن وغيره حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْبِ!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## آخرت جي ڪم ۾ جلدي ڪرڻ گهرجي

مڪي مدني آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: هر شيءِ ۾ اطمينان سان ڪم ڪرڻ سنو آهي، سواءِ آخرت جي ڪمن ۾.

(ابو داؤد، ج:4، ص: 335، حديث: 481)

**حديث جي شرح:** يعني دنيا جي ڪم ۾ دير ڪرڻ سنو آهي چوتہ ٿي سگهي ٿو اهو ڪم خراب هجي ۽ دير ڪرڻ ۾ ان ڪم جي خرابي معلوم ٿي وڃي ۽ اسان ان کان پري رهون پر آخرت جو ڪم تہ چڱو ئي هوندو آهي هن ڪي موقعو (CHANCE) ملندي ئي ڪري وٺو چوتہ دير ڪرڻ ۾ ٿي سگهي ٿو موقعو ضايع ٿي وڃي. گهڻو ڏٺو ويو آهي تہ ڪجهہ ماڻهن کي (حج جو) موقعو نہ مليو پر (انهي وقت) نہ ويا تہ وري وڃي ئي نہ سگهيا. اللہ پاڪ فرمائي ٿو:

﴿فَاسْتَبِقُوا الْخَیْرٰتِ ؕ﴾ ( پ 2 البقره: 148)　　(**ترجمو:** ڀلائين ۾ جلدي ڪريو)

شيطان خير جي ڪم ۾ (يعني نيڪ ڪم) ۾ دير ڪرائي آخر ۾ ان ڪم ڪرڻ کان روڪي ڇڏيندو آهي. (مرآة المناجيح، ج:6، ص:627 ملخصاً)

## سنو ڳالهائڻ توفيقِ الٰهي ۽......

حضرت امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: زبان جو ڳالهائڻ جسم جي تمام عضون (PARTS) تي اثرانداز ٿيندو آهي، سنو ڳالهائي تہ اللہ پاڪ جي توفيق ۽ برو ڳالهائي تہ ذلت ۽ رسوائي.

(منهاج العابدين (اردو) ص: 142، منهاج العابدين ص:65)

## لفظن جي حفاظت ڪيو!

ڪنهن چيو آهي: خيالن جي حفاظت ڪيو هي لفظ بڻجي ويندا آهن، لفظن جي حفاظت ڪيو هي اعمال بڻجي ويندا آهن، اعمال جي حفاظت ڪيو هي ڪردار بڻجي ويندا آهن، ڪردار جي حفاظت ڪيو هي سڃاڻپ بڻجي ويندا آهن.

## ٻين وٽ ٻہ زبانون آهن

پنهنجي زبان کي ٻين جي عيبن سان خراب نہ ڪيو ڇوتہ عيب توهان جا بہ آهن ۽ زبانون ٻين وٽ بہ آهن.

## ان ڳالهہ ۾ ڪا ڀلائي ناهي

مسلمانن جا پهريان خليفہ، حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: ”ان ڳالهہ ۾ ڪا ڀلائي ناهي جنهن جو مقصد اللّٰہ پاڪ کي راضي ڪرڻ نہ هجي.“ (حلية الاولياء، ج:1، ص: 71، قول نمبر 82)

## سٺي انداز ۾ پڪاري (سڏي) ثواب ڪمايو

ڇپن سان **”سيٽي“** جي آواز ڪڍي ڪنهن کي سڏڻ يا متوجهہ ڪرڻ سٺو انداز ناهي، معلوم هئڻ جي صورت ۾ بهتر هي آهي تہ نالي يا ڪُنيت سان پڪاريو جو سنت آهي، جيڪڏهن نالي جي خبر نہ هجي تہ ان علائقي جي عرف مطابق مهذب انداز ۾ سڏيو وڃي. جڏهن بہ ڪنهن مسلمان کي پڪاريو وڃي تہ ان جي دل خوش ڪرڻ جو ثواب ماڻڻ جي نيت سان چڱي کان چڱو انداز اپنايو ۽ نالو بہ پورو ورتو وڃي پڻ موقعي جي مناسبت سان آخر ۾ لفظ”ادا“ يا صاحب وغيره جو بہ اضافو هجي، حج ڪيو اٿس تہ ”حاجي“ جو لفظ بہ شامل ڪيو وڃي.

## ڪنهن جي پڪارڻ (سڏڻ) تي جواب طور لَبَّيڪ چوڻ

جنهن کي پڪاريو ويو ان جي لاءِ بهتر آهي تہ اهو ”لَبَّيْك“ (يعني مان حاضر آهيان) چئي. بهرحال موقعو محل ڏسو وڃي ائين نہ ٿئي جو اوهان

جي ”لَبَّيْك“ چوڻ سان سامهون وارو ڪنفيوز (گهٻرائجي) وڃي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ ڪنهن جي سڏڻ تي ڪڏهن ڪڏهن جواب طور ”لَبَّيْك“ چيو ويندو آهي جيڪو ٻڌڻ ۾ تمام سٺو لڳندو آهي ۽ ان سان مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ٿي سگهي ٿي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا والد صاحب حضرت علامہ نقي علي خان رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا: ”جيڪو پاڻ (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي پڪاريندو هو تہ جواب ۾ ”لَبَّيْك“ (يعني حاضر آهيان) فرمائيندا ها.“ (سُرُور القلوب ص: 182) اللّٰه پاڪ جي سڀ کان آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پڪارڻ تي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو ”لَبَّيْك“ سان جواب ڏيڻ احاديث مبارڪہ ۾ بيان ڪيو ويو آهي، هن کان علاوه هڪ الله جي ولي جي فعل سان بہ هن جو ثبوت ملي ٿو. جيئن تہ ڪروڙين حنبلين جي عظيم پيشوا حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇڻ جي لاءِ ڪين جڏهن ڪو پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪندو هو تہ اڪثر ”لَبَّيْك“ چوندا ها. (مناقب امام احمد بن حنبل للجوزي ص: 298)

مسنون دعائن جي مشهور ڪتاب: ”حِصْنِ حَصِيْن“ ۾ آهي: ”جڏهن ڪو شخص توکي سڏي تہ تون جواب ۾: ”لَبَّيْك“ چئہ- (حِصن حَصِين ص 104)

ياالله پاڪ! اسان کي مسلمانن کي چڱن نالن سان پڪاري ڪين دلين ۾ خوشيون داخل ڪرڻ واريون نيڪيون ڪمائڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مذاق ڪرڻ وارو نظرن کان ڪري پوندو آهي

مسلمانن جا ٻيا خليفا، حَضرتِ سَيِدُنا عمرفاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: ”جيڪو مذاق ڪندو آهي اهو ماڻهن جي نظرن مان ڪري پوندو آهي.“

(احياء العلوم (اردو) ج:3، ص: 389، احياء العلوم، ج: 3، ص: 158)

## پاڻ ۾ نفرت جو هڪ سبب

حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: پاڻ ۾ مذاق مسخري نہ ڪندا ڪريو ڇوتہ اهڙي طرح (پوکڻ ئي پوکڻ ۾) دلين ۾ نفرت ويهي ويندي آهي.“ (سيرت ابن عبدالحڪم ص: 114)

## مذاق مسخري سان دشمني پيدا ٿيندي آهي

حضرت سيدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”ڇيو وڇي ٿو هر شيءِ جو ٻج هوندو آهي ۽ دشمني جو ٻج مذاق مسخري آهي ۽ اهو بہ ڇيو ويو آهي تہ ڪل پوڪ عقل کي ڪَسي ونندي آهي ۽ دوستن کي جدا ڪري ڇڏيندي آهي.“ (احياء العلوم (اردو) ج: 3، ص 392، احياء العلوم، ج: 3، ص: 159)

اي پيارا پيارا الله! اسان کي ماڻهن جو مذاق اڏائڻ ۽ دل ڏڪائڻ وارين مسخرين کان بچاءِ ۽ مسلمانن جي احترام ڪرڻ جو جذبو نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## گناهِ ڪبيره جي تعريف

سيپاري 27 سورت النجم آيت 32 جي حصي

﴿اَلَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَ الْفَوَاحِشَ﴾

ترجمو ڪنز العرفان: اهي جيڪي وڏن گناهن ۽ بي حيائين کان بچندا آهن.

هن آيت جي حصي جي تفسير ۾ صراط الجنان جلد 9 صفحي 567 تي آهي: گناهہ اهو عمل آهي جنهن جو ڪرڻ وارو عذاب جو حقدار ٿئي يا ائين ڪٺي ڇئجي تہ ناجائز ڪم ڪرڻ کي گناهہ چوندا آهن. بهرحال گناهہ جون بہ صورتون آهن: (1) صغيره (2) ڪبيره. ڪبيره گناهہ اهو آهي جنهن جي ڪرڻ تي دنيا ۾ حد جاري ٿئي (يعني شريعت جي حڪم جي مطابق سزا ڏني

وجي) جيئن قتل، زنا ۽ چوري وغيره يا هن تي آخرت ۾ عذاب جي وعيد (يعني سزا) هجي جيئن غيبت، چغل خوري، خودپسندي ۽ رياڪاري وغيره ۽ فَواحِش (يعني بي حيائين) ۾ هر بڇڙو ۽ نازيبا قول، فعل (يعني بري ڳالھ ۽ بروڪم) ۽ تمام صغيره، ڪبيره (يعني سيئي ننڍا وڏا) گناھ داخل آهن، باقي هتي (يعني هن آيت جي حصي ۾) فَواحِش (يعني بي حيائين) مان اهي ڪبيره (يعني وڏا) گناھ مراد آهن جن جي قباحت (يعني برائي) ۽ فساد تمام گهڻو هجي جيئن زنا ڪرڻ، قتل ڪرڻ ۽ چوري ڪرڻ وغيره.

(خازن ج: 4، ص 196-197، مدارک، ص: 1181، ابو سعود، ج: 5، ص 648 ملتقطاً)

## خودپسندي جي تعريف

اي عاشقانِ رسول! بيان ڪيل تفسير ۾ گناهن جي تذڪري ۾ خودپسندي جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي، خود پسندي کي عربي ۾ "عُجُب" چوندا آهن. مڪتبة المدينہ جي 352 صفحن تي مشتمل ڪتاب، "باطني بيمارين جي معلومات" صفحي 36 کان 37 تي عُجُب يعني خودپسندي جي تعريف هيئن لکيل آهي: پنهنجي ڪمال (مثال طور علم يا عمل يا مال) جي پنهنجي طرف نسبت ڪرڻ ۽ ان ڳالھ جو خوف نہ هئڻ تہ کسجي ويندو. جڻ تہ خود پسند انسان نعمت کي مُنعِمِ حقيقي (يعني اللّٰه پاڪ) جي طرف منسوب ڪرڻ ئي وساري ڇڏيندو آهي. (يعني مليل نعمت مثال طور صحت يا حسن و جمال يا دولت يا ذهانت يا خوش اِلحاني (خوش آواز) يا منصب وغيره کي پنهنجو ڪارنامو سمجهي وٺڻ ۽ اهو وساري ويهڻ تہ سڀ اللّٰه پاڪ جي ئي مهرباني آهي ۽ اللّٰه پاڪ جڏهن چاهي ڏنل ڪماليت يا عطا ڪيل خوبي واپس بہ وٺي سگهي ٿو) (باطنی بیماریوں کی معلومات ص: 36 تا 37، احياءَ العلوم، ج: 3، ص: 454 ملخصاً)

## 70 سال جا اعمال برباد

خودپسندي نيڪين لاءِ سخت تباهي جو ڪارڻ آهي جيئن تہ رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: عُجُب (يعني خودپسندي) 70 سال جا اعمال برباد ڪندي آهي. (جامع صغير، ص:127، حديث: 2084)

## گناهه ڪان بہ وڏو جرم

مدينيءَ جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خودپسنديءَ جي تباهه ڪارين کان خبردار ڪندي فرمايو: ”جيتوڻيڪ توهان کان ڪو گناهه نہ ٿئي پر مون کي توهان تي گناهه کان بہ وڏي جرم جو خوف آهي ۽ اهو عُجب آهي (يعني خودپسندي). (شُعب الایمان: ج:5، صفحه: 453، حديث: 7255) هن مبارڪ فرمان ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عُجب کي تمام وڏو گناهه قرار ڏنو آهي. (احياءَ العلوم: ج:3، ص:452)

بئي ڪنهن بہ ظاهري ۽ باطني گناهه کان بچڻ هر مسلمان تي لازم آهي. جيئن تہ الله پاڪ قرآنِ پاڪ جي سيپاري 8 سورت الانعام آيت 120 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

﴿وَ ذَرُوْا ظَاهِرَ الْاِثْمِ وَ بَاطِنَهٗ﴾

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ظاهري ۽ باطني سڀ گناهه ڇڏي ڏيو.

## خودپسنديءَ جي اهم وضاحت

حضرت سيدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا تہ جيڪو شخص علم، عمل ۽ مال ۾ پنهنجي ڪماليت (يعني خوبي) ڄاڻيندو هجي ان جون بہ ڪيفيتون آهن: (1) انهن مان هڪ هيءَ آهي تہ ان کي ان خوبيءَ جي زوال جو خوف هجي ۽ ڪيس هن ڳالهہ جو خوف هجي تہ هن خوبيءَ ۾ ڪا تبديلي اچي ويندي يا بلڪل ئي ختم ٿي ويندي تہ اهڙو انسان خود پسند ناهي. (2) ٻي حالت اها آهي تہ هو ان جي زوال (يعني گهٽ يا ختم ٿيڻ) جو خوف ناهي رکندو بلڪ هو هن ڳالهہ تي مطمئن ۽ خوش ٿيندو آهي تہ اللّٰہُ رَبُّ الْعِزّت مون کي هيءَ نعمت عطا فرمائي آهي هن ۾ منهنجو ڪو (خاص) ڪمال ناهي. اها بہ خودپسندي ناهي ۽ ان لاءِ هڪ ٽئين حالت بہ آهي جيڪا خودپسندي آهي ۽ اها هيءَ تہ ڪيس هن ڪمال جي زوال (يعني ان خوبيءَ جي گهٽ يا ختم ٿيڻ) جو خوف ناهي هوندو بلڪ هو هن تي مطمئن ۽ خوش ٿيندو آهي ۽ ان جي خوشيءَ جو باعث هي هوندو آهي تہ هي ڪمال

نعمت ۽ ڀلائي ۽ سربلندي آهي، هو انڪري خوش ناهي ٿيندو ته هي الله پاڪ جي عنايت ۽ نعمت آهي ان (يعني خودپسند ٻانهي) جي خوشيءَ جو سبب هي هوندو آهي ته هو ان کي پنهنجي خوبي ۽ پنهنجو ئي ڪمال سمجهندو آهي هو ان کي اللّٰهُ رَبُّ الْعِزّت جي عطا ۽ مهرباني تصوّر ناهي ڪندو. (احیاءَ العلوم، ج:3، ص: 454)

## خودپسنديءَ جو هڪ مجرّب(آزمايل) علاج

حضرت سيّدنا امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَانۡ پنهنجي زهد و تقوٰي جي باوجود اها تمنّا ڪندا ها ته ڪاش! هو مٽي، ٻُهُ يا پکي هجن ها. پوءِ صاحبِ بصيرت (يعني عقل مند) شخص ڪيئن پنهنجي عمل تي خودپسندي يا غرور ڪري سگهي ٿو ۽ ڪيئن ٿو پنهنجي نفس کان بي خوف ٿي سگهي؟ هي خودپسندي جو علاج آهي جنهن سان خودپسندي جو مادو بلڪل پاڙان پٽجي ويندو آهي. جڏهن خودپسندي ۾ مبتلا شخص هن علاج جي طريقي مطابق خودپسندي جو علاج ڪندو آهي ته جنهن وقت ان جي دل تي خودپسندي غالب ايندي آهي ته نعمت کسجي وڃڻ جو خوف ان کي تڪبر ڪرڻ کان بچائيندو آهي بلڪ جڏهن اهو ڪافرن ۽ فاسقن کي ڏسندو آهي ته ڪنهن گناهہ جي بغير انهن کي ايمان ۽ اطاعتِ الٰهي جي دولت کان محرومي ملي آهي ته اهو ڊڄندي اهو سوچيندو آهي ته جنهن ذات کي هن ڳالهہ جي پرواهہ ناهي جو هو بغير ڪنهن جرم جي ڪنهن کي محروم ڪري ڇڏي يا بغير ڪنهن وسيلي جي ڪنهن کي عطا ڪري سو هو ڏنل نعمت کي واپس بہ وٺي سگهي ٿو. ڪيترائي ايمان وارا مرتد ٿي ڪري ۽ اطاعت گذار (يعني نيڪ مسلمان) فاسق ٿي ڪري بري خاتمي جو شڪار ٿيا. جڏهن انسان هن طرح سوچيندو ته خودپسندي هن ۾ باقي نہ رهندي.

(احیاءِ العلوم (اردو) ج: 3، ص: 1106، احیاءَ العلوم: ج: 3، ص: 458)

حُبِ جاہ وخود پسندی کی مِٹادے عادتیں
یاالٰہی! باغِ جنّت کی عطا کر راحتیں

اٰمِیۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

## خودپسندي جا 8 سبب ۽ علاج

حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ”اِحۡيَاءُ الۡعُلُوم“ ۾ عُجُب يعني خودپسندي جا هي 8 سبب ۽ انهن جو علاج بيان فرمايو آهي:

(1) **پهريون سبب:** ”پنهنجي جسماني خوبصورتي جي حوالي سان خودپسندي ۾ مبتلا ٿيڻ.“ هن جو علاج اهو آهي ته انسان پنهنجي باطني غلاظتن تي غور ڪري ۽ پنهنجي ابتداء ۽ پڇاڙي (يعني ابتداء ۾ گندو قطرو هو ۽ آخر ۾ سڙيل مڙدو هوندو ان) جي باري ۾ غور ڪري.

(2) **ٻيو سبب:** ”پنهنجي طاقت ۽ سگهه تي ناز ڪرڻ.“ هن جو علاج هيءُ آهي ته انسان اهو سوچي ته الله پاڪ معمولي آزمائش (مثال طور بيماري، حادثن وغيره) ۾ مبتلا فرمائي ٻه هي قوت واپس وٺي سگهي ٿو.

(3) **ٽيون سبب:** ”عقل ۽ ذهانت جي حوالي سان خودپسندي ۾ مبتلا ٿيڻ.“ هن جو علاج هيءُ آهي ته انسان اهو سوچي ته ڪنهن ٻه مرض يا حادثي وغيره جي سبب اها نعمت ڪسجي سگهي ٿي.

(4) **چوٿون سبب:** ”عالي نسب (يعني اوچو خاندان) هجڻ تي فخر ڪرڻ آهي.“ هن جو علاج هيءُ آهي ته انسان اهو سوچي ته پنهنجي ابن ڏاڏن وانگر نيڪ اعمال نه ڪرڻ جي باوجود انهن جي درجي تائين ڪيئن پهچي سگهجي ٿو؟

(5) **پنجون سبب:** ”ظالم جي حمايت تي وڏائي ڪرڻ آهي، ۽ اهلِ دين ۽ اهلِ علم جي طرف پنهنجي نسبت کي اهميت نه ڏيڻ آهي.“ هن جو علاج هيءُ آهي ته انسان انهن ظالم ماڻهن جي اُخروي انجام تي نظر رکي ۽ اهو سوچي ته ظالم ماڻهو ته الله پاڪ جي غضب جي لائق آهن.

(6) **ڇهون سبب:** ”پنهنجي نوڪر چاڪر وغيره تي وڏائي ڪرڻ.“ هن جو علاج هيءُ آهي تہ انسان پنهنجي ڪمزوري تي نظر رکي ۽ اها ڳالهہ ذهن ۾ ويهاري ڇڏي تہ تمام انسان الله پاڪ جا عاجز ٻانها آهن.

(7) **ستون سبب:** ”مال ۽ دولت تي وڏائي ڪرڻ.“ هن جو علاج هيءُ آهي تہ انسان مال ۽ دولت جي آفتن، ان جي حقوق ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ فتنن کي سامهون رکي.

(8) **اٺون سبب:** ”پنهنجي غلط راءِ تي گهمَنڊُ. هن جو علاج هيءُ آهي تہ انسان پنهنجي راءِ جي صحيح هجڻ تي هرگز ڀروسو نہ ڪري. (يعني غور ڪري تہ ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي راءِ غلط هجي)

(باطنی بیماریوں کی معلومات، ص: 38 تا 43، احیاءَ العلوم: ج: 3، ص: 1107 تا 1119 ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بگڙيل نوجوان سڌرڻ لڳو

اي عاشقانِ رسول! خودپسندي ۽ ٻين برائين جي معلومات حاصل ڪرڻ، گناهن جي عادت مٽائڻ ۽ نيڪين جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هردم وابستہ رهو. دعوت اسلامي جو ديني ماحول بگڙيل ماڻهن جي سڌرڻ جو ذريعو آهي ان جي هڪ ”مدني بهار“ اوهان کي ٻڌايان ٿو: لاهور، پنجاب جو هڪ نوجوان ڪيڏڻ جو نهايت شوقين هو، صبح کان شام تائين راند، راند رڳو راند ئي ان جو ڪم هو، سندس والد صاحب جيڪو هڪ مسجد جو امام بہ آهي اهو ان کي ڏاڍو سمجهائيندو هو پر هي مڙندو ئي نہ هو. راند جو شوق ايترو تہ وڌي ويو جو هاڻي مَعَاذَالله جوا بہ ڪيڏڻ شروع ڪري ڏني. ڪيڏڻ کان علاوه دوستن سان رات دير تائين گهٽين ۽ بازارن ۾ گهمڻ ڦرڻ، انٽرنيٽ ڪيفي ۾ وڃڻ ان جو پسنديده

شوق هو. سچ ڳالهائڻ جي بہ عادت نہ هئس جنهن سبب جڏهن رات جو دير سان گهر پهچندو هو تہ دير ٿيڻ جو سبب بہ غلط ٻڌائيندو هو. انهن جي زندگي ۾ تبديلي ڪجهہ هن طرح آئي جو ان جي والد صاحب دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ کي ان جي ڪيفيت ٻڌائي ۽ ان جي اصلاح ڪرڻ جي درخواست ڪئي. ان اسلامي ڀاءُ جي انفرادي ڪوشش سان هي بہ ٿي پيرا سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪان بعد ٽن ڏينهن جي سنتن سکڻ سيکارڻ جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو، عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ ان کي اهي سنتون سکڻ جي لاءِ مليون جيڪي هيءُ نہ ڄاڻيندو هو. جڏهن هيءُ مدني قافلي کان موٽيو تہ اهو عزم هو تہ هاڻي معاشري ۾ شريف ۽ نيڪ انسان بڻجي زندگي گذارڻي آهي. اللّٰہ رب العزت جي رحمت سان هي دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويو.

رب کے در پر جُھکیں، التجائیں کریں
بابِ رحمت کُھلیں، قافِلے میں چلو

(وسائلِ بخشش، ص: 671)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# فهرست


| عنوان | صفحه | عنوان | صفحه |
| --- | --- | --- | --- |
| مذاق ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪيئن؟ | 01 | سٺي انداز ۾ پڪاري (سڏي) ثواب ڪمايو | 05 |
| دعاءِ عطار | 01 | ڪنهن جي پڪارڻ (سڏڻ) تي جواب طور لَبَّيڪ چوڻ | 05 |
| دُرُود شريف جي فضيلت | 01 | مذاق ڪرڻ وارو نظرن کان ڪري پوندو آهي | 06 |
| زبان سنڀالڻ واري جا عمل به سنڀلجي ويندا آهن | 02 | پاڻ ۾ نفرت جو هڪ سبب | 07 |
| مذاق ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ واري سان سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي | 02 | ٿيندي آهي مذاق مسخري سان دشمني پيدا | 07 |
| جهنم جي گِهرائي (اونهائي) ۾ ڪرندو آهي | 02 | گناهِ ڪبيره جي تعريف | 07 |
| مسخرا متوجهه ٿين | 03 | خودپسندي جي تعريف | 08 |
| ڪاميڊي شو جو مسئلو | 03 | 70 سال جا اعمال برباد | 08 |
| آخرت جي ڪم ۾ جلدي ڪرڻ گهرجي | 04 | گناهن کان به وڏو جرم | 09 |
| سٺو ڳالهائڻ توفيقِ الٰهي ۽...... | 04 | خودپسندي جي اهم وضاحت | 9 |
| لفظن جي حفاظت ڪيو! | 05 | خودپسنديءَ جو هڪ مجرّب (آزمايل علاج) | 10 |
| ٻين وٽ به زبانون آهن | 05 | خودپسندي جا 8 سبب ۽ علاج | 11 |
| ان ڳالهه ۾ ڪا ڀلائي ناهي | 05 | بگڙيل نوجوان سڌرڻ لڳو | 12 |

# هفتيوار رسالي جو مطالعو

الحمدلله! امير اهل سنت، دعوت اسلامي جي باني، حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه/ خليفه امير اهل سنت الحاج ابو اُسَيد عبيد رضا عطاري مدني مدظله العالي جي طرفان هر هفتي هڪ رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. ماشاء الله الڪريم! لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي امير اهل سنت/خليفه امير اهل سنت جي دعائن ۾ حصو وٺندا آهن. هي رسالو Audio ۾ دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net يا Read and listen Islamic book ايپلي ڪيشن تان مفت ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. ثواب جي نيت سان پاڻ به پڙهو ۽ پنهنجي مرحومن کي ايصال ثواب لاءِ تقسيم ڪريو.

(شعبه هفتيوار رساله مطالعه)


فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net